سال : ۲۱ | انک : ۲۰ | مي ۲۰۱۰
RNI NO. 47090/88 | Price Re 1/-

# عامل سماچار

Connecting Amil Community Worldwide

سنڌي سمپادڪ : شريمتي پونم چندرو ملاڻي

## اڄ جو ويچار

● توهين سيني کي پيار ڏيو. موٽ ۾ پيار جي اُميد نہ رکو. ڪرم ڪندا رهو. ڦل جي اِڇا نہ رکو. ائين ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي، جنهن جي غلطي ٿئي اُن کي معاف ڪري ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان توهان جي موڊ خراب نہ ٿيندي ۽ توهان جي من ۾ شانتي رهندي.

# اَلا ! شل مان اهڙي نہ ٿيان !

پونم: اچو ! اچو مهنجيون پياريون ساهڙيون ! مس مس آيون آهيو. اڳ ۾ سڀ ڪو گهر ۾ ايندو-ڪندو هو، ڏاڍي دل خوش ٿيندي هئي، گڏجي مِسجي گهر جي لذيذ لنچ کائبي هئي يا شام جو گرم پڪوڙا ڊبروٽي چانهہ پيئبي هئي. پر اڄڪلهہ تہ ڪير بہ ڪنهنجي گهر ۾ اَچڻ کان ڪيٻائي ٿو.

ڪملا : سچ پونم ! پنهنجي گهر کان نڪري وري ٻوساٽ وارين بند ديوارن ۾ اچي ويهجي، تنهنکري هرڪو ٻاڻئي تہ ٻاهر قدرتي کليل هوا ۾ باغ ۾ يا ڪلب ۾ اچي گڏججي.

چندري :ٻڌ پونم ! جي ڪلب ۾ اچبو تہ وري ڪو ڪٽراڳہ بہ ڪونہ ٿئي، آرڊر ڪر، تُرت پڪوڙا شڪورا، سئنڊوچ وغيره ، ويٽر ڪٽي ايندو آهي.

پونم : سچي ڳالهہ آهي. سچو ڏينهن تہ گهر ۾ رنڌڻي جو ڪم پيو هلي، وري شام جو ڪير ٿو گهر ۾ گذاري. ٻاهر نڪري ٿورو واه سواه ونجي، ٿوري وِٽامن ڊي، ٿوري تازي هوا، ٿورو چٽپٽو کائجي، وڏي ڳالهہ جوسي گاسپ بہ ٻاهر نڪرڻ سان ملي ٿو.

ڪملا : مان تہ شام جو چا بہ ٿي پوي گهر ۾ ويهان ئي ڪونہ. ٦ لڳن ۽ پير ٽپن. هتي اچان تہ گروپ ٺهيو وينو آهي. وات جو چشڪو بہ پيو هلي ۽ ڪن کي رس بہ پيو ملي. پر ٻائي چشڪي لاءِ ڳنڍ کولڻ ضروري آهي.

پونم: هيءَ تہ الاءِ ڪهڙين ڳنڍين کولڻ جي ڳالهہ پيئي ڪري ؟

ڪملا: ڏاڍي کِني آهين. منهنجو مطلب تہ هڪ ئي ڳنڍ جو آهي، پئسي جي ڳنڍ.

پونم: اڙي بابا ! اِها ڳنڍ تہ ڪيترن جي اهڙي پڪي ٻڌل اَٿيئي جو کُلڻ مُشڪل آهي. اهڙن ماڻهن جون ڳنڍيون کُلن تہ گهٽيئي مشڪل ڳالهون آسان ٿي پون. باقي هيڏا وڏا پرس کڻڻ يا وڏي بئنڪ بئلنس مان ڇا ورڻو آهي. دل وڏي هئڻ کپي.

چندري: سچي ڳالهہ آهي ! مان بہ ڏسندي آهيان تہ ماڻهو ٻين کي تہ نہ پر پاڻ تي ب خرچ ڪرڻ ۾ پيا ڪيٻائيندا آهن. اصل مها ڪنجوس.

ڪملا: چندري ! سچ چئي رهي آهين، مونکي عجب لڳندو آهي ماڻهو هوندي سوندي ڇو ايڏي پڪائيءَ سان هلن ؟

پونم: ٻڌو ٻائي ! هڪ تي کِن جي اصل ننڍي هوندي کان هٿ نہ کولڻ جي عادت هوندي آهي. پيو تہ انهن جي نصيب ۾ آرام جي زندگي جيئڻ لکيل ڪونہ هوندي آهي تہ هوندي سوندي

پهرين نوڪري، پوءِ ڇوڪري

ڳنڍيون ٻڌندا آهن.

ڪملا: پر پونم! هاڻي ته زمانو بدلجي ويو آهي. اڄ ماڻهو شاهوڪاري ڏيکارڻ لاءِ بئنڪن کان به لون وٺي جيترا شاهوڪار آهن اُن کان وڌيڪ ڏيکاءُ پيا ڪن.

چندري: اسان ته اهو زمانو ڏٺو آهي جتي گهر جا وڏا عقل ۽ سنجم سان ٿوري مان ئي برڪت سان گهر هلائيندا هئا. پر هيءُ جنريشن سنجم نه پر شو-آف ۾ وشواس ٿو ڪري.

پونم: آهي سچي ڳالهه. جي منهنجي ساهيڙي کي برئنڊ وارو، لک رپئي وارو پرس آهي ته مان ڇو اميٽيشن پرس کڻان! خبر اٿيئي اِن ڪري مون ٻڌو آهي ته وڏ گهراڻيون ڇوڪريون چوريون به ٿيون ڪن.

ڪملا: ائي! چئين ڇا پئي! چوري، اهڙو سون ئي گهوڙيو جو ڪن ڇني. اسين چئون بابا جيترو ٿي سگهي شل پڇاڙيءَ تائين عزت مان سان رهون.

پونم: ڪملا! تون ته سڀ پهه سمجهڻ جي زماني جون ڳالهيون ٿي ڪرين، مان ائين ڪونه ٿي چوان، پر اڄ جو جنريشن ائين چونديءَ. مان ته برابر اڄ جي فئشن جو لاهيان پايان، پر منهنجي خيالات اڃان به جهوني اَٿئي. 'اولڊ اِز گولڊ' جي چوڻي کي مان مڃان. اسين اڃان به وڏن کي ڏسون يڪدم پيري پئون يا پاڪر پائي سِڪ ۾ گڏجون. پر اڄڪلهه جوان پاسو ڪري ويندا، ته متان ٻين اڳيان جُهڪڻو پوي. يا وڏن سان بدفضيلتو ڳالهائيندا. اسان ته اک کڻي به مائٽن ڏانهن نه نهاريو. ڏاڍي عزت سان ڳالهائيندا هئاسين.

چندري: بابا! زماني کي سلام آهي. جي گهرن ۾ رهڻو آهي ته اکيون، زبان ۽ ڪن بند رکڻا آهن ته سک شانتيءَ سان رهي سگهبو نه ته روز مهاڀارت لڳندو.

ڪملا: پونم! ڏس اڄڪلهه ڪيڏا نه مائٽن کي گهرن مان ڪڍڻ جا ڪيس ٿين پيا. ڪٿي جڳهه جي لالچ آهي، ڪٿي سندن کي پُراڻي سوچ نٿي وڻي. اڄ الاءِ ڇا ٿي ويو آهي ؟

پونم: پياريون! هڪ ڳالهه ٻڌايانوَ اسان جو ئي ڏوهه آهي. اسين ٻارن جي موهه ۾ انڌا ٿي مٿن تمام اعتبار ڪري، جيئري ئي سڀ سندن نالي ڪريون ٿا. جڻ گهوڙي کي بيلغام ڪريون ٿا تنهن ۾ هو غلط دِشا ۾ ضرور ڀڄندو نه. وڏي ڳالهه اڄڪلهه سنگت، دوستي به جوانن کي ڪاري ٻوهر ٿي ڪري. جوان ٽُهرون گهر اچن. ته ڪين وڏن جي هلت، ڪنجوسائي، ڳالهائڻ، هلڻ چلڻ نٿو وڻي. ڪين آزادي کپي. ڪير چوڻ وارو نه هجي، جيڪي عقل مون ۾ آهي سو ڪنهن ۾ ڪونهي، اِهو هيءُ جوان سمجهن ٿا، پر گهر ۾ پريم ۽ ٻڏيءَ سان هلڻ بدران، سسُ-نُنهه جا سيريل شروع ٿي وڃن.

ڪملا: پونم! نيٺ اِنجو ڪهڙو حَلُ آهي ؟ ڪو ته طريقو هوندو ؟

پونم: (١) هڪ ئي طريقو آهي ته پنهنجي جيئري ڪڏهن به جڳهه مال ملڪيت ٻارن جي حوالي نه ڪريو. توهين سک سان رهو، پوءِ ته پڻ پيش هنن جو آهي، ڪين ملندو. (٢) گهر ۾ سڀ پهه ڪن، وات ۽ اکيون جيترو ٿي سگهيو ٻوٽيو. ڪنهن به ڳالهه کي وٺي نه ويهو، رهه گُذر ڪري پيار ۾ هلو ته توهان جون سڀ آڱريون گيهه ۾ هونديون. زندگي تمام مزي سان گذرندوَ. ۽ ٻڍاپي جي گُذر جي به چنتا ڪونه هوندوَ.

(هيءَ اِسڪٽ ٢٠ اپريل ڇنڇر ٻائي جوتسنگهه آڏواڻي ناري سڀا ۾ ريڊيو ڪلب ۾ اسان ڪئي. پونم ملاڻي، ڪملا ميرچنداڻي ۽ چندري ميرچنداڻي ڀاڱه ورتو. ليکڪا آهيان مان يعني توهانجي پونم چندرو ملاڻي).

ڀارو آهي ابي امڙ جي آچار

# طلاق

هلندڙ ...............

- رام سپي

توهان سڀ شڪايتون پڙهي ٻڌايو تہ ڏوهہ ڪنهنجو آهي ؟ ڇا اهي شڪايتون اهڙيون آهن جن جو نوارڻ نٿو ٿي سگهي ؟ اهي ننڍيون ڳالهيون ايتريون وڏي ويون آهن جو گهر گرهستي کي ڏانوا-ڏول ڪري ڇڏين ؟ آخر ٻئي ٽيئن گهر ۾ ڪروڪيتر لڳو پيو آهي ۽ طلاق ڏيڻ هڪ رواجي ڳالهہ ٿي پيئي آهي. تنهنجا ڪارڻ ڪهڙا آهن.

خود مختياري وڏي ويئي آهي. زال ۽ مرد هرڪو چاهيندو آهي تہ منهنجي هلڻ ڪپي نہ مرد ٿو چاهي تہ زال جي اڳواني هيٺ رهان- نہ زال ٿي چاهي تہ هوءِ مرد جي حڪم بندي ٿي راهان. نڪا گهٽ گهوٽ ۾ نڪا ڪي ڪنوار ۾، ٻئي هڪ ٻئي جي تابع ۾ رکڻ ٿا چهين. استرين ۾ تعليم جو ڦهلاءُ ٿيو آهي، مشڪل سان اهڙي ملندي جيڪا رڳو اسڪول تائين ويئي هوندي. سندن تعليم بہ مردن وانگر گهٽ ڪونهي. اِهي وڏن وڏن عهدن تي پهتيون آهن ۽ پاڻ کي گهٽ سمجهڻ جو احساس ڪونہ اٿن. هڪ ٻئي جي سنگہ ۾ رهي، هڪ ٻئي جون گهٽتايون، وڌتائون ڏسي پاڻ ۾ نهڪاڻ ۽ رهگذر ڪرڻ جي ياونا ٻنهي ۾ ڪانهي، سماج جو ڪو دٻاءُ ڏپ ڪونهي، ٻنهي جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو ڪجهہ چوندا بہ، تڏهن بہ سندن پلئہ ڪي ڪجهہ لڳي ڪونہ پوندو، وقت گذرندي ماڻهن کان ڳالهہ وسري ويندي. زال ۽ مرد جتي ڪم ڪن ٿا اُتي ترقي ڪري اوچو پد پراپتي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن، ٻين لاءِ وقت بہ ڪونہ اٿن.

هڪ ٻئي جو سڻايون ڏسي ساراهہ جا ٻہ لفظ چوڻ هڪ ٻئي جي جنم ڏينهن يا شادي جي سالگرهہ جي موقعي تي ڪا ننڍي سوکڙي پيٽ ڪرڻ، يلي رواجي ڳالهيون لڳنديون هجن پر انهن جي اهميت وڏي آهي، ان طرح بہ ڌيان ڪونہ اٿن، ڪن حالتن ۾ شڪايتن ڪن تہ سس-سهري جي ڪند ڪند لڳي پيئي آهي. گهوٽ ڪڏهين گهمڻ ڦيرائڻ يا سنيما تي نٿو وٺي هلي، هو گهر جي خرچ جا پئسا ڏئي ٿو ماءُ پيءُ کي، مان ڇٽڪ ياتي ڪانہ آيهان. پيڪن ۽ ساهڙين وٽ نٿو وٺي هلي، گهر ۾ سنڌجي اَچار ٿيندس ڇا ؟

طلاق جو مرض نہ صرف ممبئي ۾ آهي پر هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، باندرا ڪورٽ ۾ ويندا تہ عجب کائيندا منهنجي خيال موجب گهٽي طلاق ڏيندڙ سنڌي آهن، اُنهن ۾ عامل ڪميونٽي جو تعداد وڌيڪ آهي. سٺي سٺي گهرن جا ڇوڪرا ڇوڪريون پيا طلاق ڏين. ڪن حالتن ۾ مهني ڏيڍ اندر طلاق، ڇوڪرو نامرد آهي، شادي مهل پڇا ڳاڇا ڪن ڪونہ، پوءِ چون جيڪو نصيب ! ڇوڪرو فارين ۾ ويو مونکي پاڻ سان گڏ ڪونہ وٺي ويو. پنهنجن مائٽن وٽ ڇڏي ويو.

هڪ عاملن جي پٽ جو طلاق ١١ سالن کانپوءِ ٿيو. انهن کي ٩ سالن جو پٽ بہ اٿن. ٻئي تمام گهڻو پڙهيل سهڻا لڳندا آهن. اها هڪ ڏکہ جي ڳالهہ آهي، انڪري عاملن کي صلاح ڏيندس تہ پاڻ ۽ ٻارن کي سنڀاليون.

اڳي هر ڪنهن عامل گهر ۾ ٨، ١٠ ٻار هوندا هئا، هاڻي هڪ يا ٻہ پوءِ جي طلاق ڏيندا پوءِ عامل ڪميونٽي جو ڇا ٿيندو ؟ ٥٠ سالن کانپوءِ اسانجي عامل ڪميونٽي گم ٿي ويندي ؟ هينئر ڏسو وينا تہ اسانجون نياڻيون، مسلمانن سان، ڪرشچن سان، مرهٽي سان، ٻين قومن ۽ ذاتين ۾ شادي ڪن ٿيون، تڏهن بہ اسانکي بہ مغروري آهي پاڻ کي گهٽ ڪونہ سمجن.

طلاق هڪ وڏو سماجڪ مسئلو آهي، جوش ۾ اچي بنا ڳڻ ڳوت جي اهو اگهو ۽ ڏکيو قدم کڻي وجڻ کانپوءِ ۽ جوڙو جڏهين ٿڌي دل سان ويهي سوچيندو تہ محسوس ڪندو تہ اهو غلط قدم کين نہ کڻڻ کپندو هو. هڪ ڊر جيڪڏهن منووگيان يا جسماني طور شادي جي لائق نہ آهي تہ طلاق جائز ٺهرائي سگهجي ٿو. پر معمولي متڀيدن سبب خارن ۾ اچي هڪ ٻئي جي

پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻ

زندگي خراب ڪرڻ سياڻپ نہ آهي. طلاق ڏنل زال ۽ مرد لاءِ ٻئي شادي جيڪڏهن ناممڪن تہ نہ پر مشڪل ضرور آهي، خاص ڪري ڇوڪرين لاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهڙي شادي لاءِ جي شروعات هڪ شڪ شبهي سان ٿئي ٿي. ٻي شادي جو مسئلو تڏهين پيدا ٿئي ٿو !

عامل ڪميونٽي ذرا سوچيو ۽ چڱيءَ طرح اهو غور ڪيو پوءِ فيصلو ڪيو اسانجي ٻارن کي طلاق لاءِ مجبور ڪرڻ ڪپي يا نہ ؟

مونکي گهڻي مائٽن وٽان فون ايندا آهن تہ توهان خود عامل پئنچات ڪاميٽي تي اچ. اچي اسانجو فيصلو ڪراءِ، ڪي گهرن لاءِ دانهون ڪن، ڪي داماد لاءِ گِلا ڪن. مان ڇا ٿو ڪري سگهان. انهن کي اهو جواب ڏيندو آهيان تہ اهي نازڪ فيصلا پاڻ ۾ ڪرڻ گهرجن. هڪ عامل جي گهر ۾ ڪن يا اُن جي ڇوڻ تي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڇوڪري پاڻ ڌمڪي ڏني تہ توهان ڪير آهين ؟ جو اسانجي گهر ۾ دستندازي ٿو ڪرين ؟ اها بہ سهڻي سني پڙهيل ٻُڌهيل ڇوڪري وٽان ؟

عامل ڪميونٽي ۾ سهڻا سنا ڇوڪرا شادي نٿا ڪن. ڇون ٿا تہ ڇا رکيو آهي شادي ۾، ائين سُڪيا وينا آهون. ڀڳوان هر ڪنهن کي پنهنجي مت ڏئي نہ تہ تمام برو حال ٿيندو عامل ڪميونٽي جو ؟

ڀڳوان در اِها پرارٿنا ڪندس تہ رحم ڪر، رحم ڪر اسانجي عامل ڪميونٽي تي.

# عاملن جي سونهري اِتهاس مان هڪ پنو

منهنجو سنڌي ساهتيہ ۽ اَدب سان جنم کان بہ اڳهي جو ناتو آهي. منهنجو پوجيہ پتا صاحب شري ڄيٺانند ڀاونداس لعلواڻي ۽ ماتا صاحب شُشيلا ڄيٺانند لعلواڻي سنڌي ساهتيہ ۽ ٻوليءَ سان جُڙيل هئا اُنهن ساهتيہ جي ٦٥ سال شيوا ڪئي. ڀاپا ننڍي عمر ١٤ سالن ۾ سنڌي ساهتيہ ۾ قدم رکيو. ڀارت جيون ساهتيہ منڊل ٢٥٠٠ ڪتاب هر وشيہ تي ڪڍيا. راجڦمستان، فلمي مگزن، ڀارت جيون هفتيوار، گل-ڦل وغيره رسالا ڪڍيا جي سنڌي جڳت ۾ پرسڌ هئا. شري گرو گرنٽ صاحب، شريمد ڀاڳوت، گهڻائي پراڻ هنن جا سنڌي جڳت ۾ پرسڌ هئا. هيءُ ڀگل جوڙو هر سنڌي فنڪشن جو سِرمور هو. ڪيترن شهور ليکڪن ۽ ليکڪائن کي ساهتيہ جي ميدان ۾ آڻڻ جو سندن شرف هو. مونکي ورثي ۾ نہ صرف سنڌي ساهتيہ جو ڀانڊيئڙو ٻڌاياڻون پر سندن اصل خزانو سنڌي ساهتيہ ڪتاب جي انمول خزانو آهن، اُهي سڀ منهنجي اَمولڪ خزاني جا موتي آهن. مان وقت بہ وقت اُنهن مان انمول موتي توهان پاڻکن اَڳيان رکندي آهيان. هيءُ سنڌ جي هندو ڌرمي اِستانن جي تواريخ ١٩٤٧ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيل جنهنجو ليکڪ شري ٽهل رام آسودومل وڪيل هو. هن ۾ عاملن جو خاص ذڪر آهي.

## گور مندر ڪراچي

بندر روڊ ايڪسٽينشن تي هڪ وڏو ڪشادو هواداري عاليشان هندن جو، عاملن جو خاص ڌرمي آستان آهي، گور مندر سچ پچ جڏهن ١٩٣٤ ۾ حيدراباد عامل ۽ سنڌ جا هندو ڪراچي بندر روڊ ايڪسٽيشن تي پنهنجيون جايون جوڙايون تہ ستسنگہ لاءِ ٤ عامل ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪري ديوان ڪندن سنگهہ پوهومل ملڪاڻي زميندار جي جاءِ مسواڙي تي ورتي ٺهرايون. (١) ڀاءُ ڀڳوانسنگهہ ٻستنگهہ آڏواڻي (٢) ڀاءُ پيرومل ٽلومل (٣) ڀاءُ گوبندرام واڌوامل آڏواڻي (٤) ڀاءُ ليلارام گوڌومل واسواڻي. ١٩٣٧ ۾ هال ننڍو پئي لڳو سو وڏو ٺاهي سرڪار ۾ ريجسٽرڊ ڪرائي ائسوسيشن ٺاهي ويئي. اوائلي ميمبر ۽ بانڪار ١٢ ڄڻا ٿيا. اها دائمي بورڊ هئي. پهريون سيڪريٽري مسٽر چيلارام ٽيڪچند منسڪاڻي هو پوءِ مسٽر چنديرام ٻولچند آڏواڻي ٿيو. عامل هائوسنگ سوسائٽي کان زمين ١٦٥١ چورس وال وٺي اُن تي انڪل اڌ لک رپيا خرچ ڪري عاليشان آستان گور مندر ٺهرايو. ... هلندڙ

- پونم چندرو ملاڻي